# ٻه خطرناڪ بگهڙ

27-October-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

27 آڪٽوبر، 2022ع جو پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ﭘ خطرناڪ بگهڙ

(مال ۽ عزت جي محبت جا نقصان)

❖ حُبِّ مال ۽ حُبِّ جاه دل ۾ نفاق پيدا ڪندا آهن

❖ مال جي محبت مُنافِق بڻائيندي آهي(عبرت ناڪ

مال جي محبت ڪفر تائين پهچائي ڇڏيو

❖ قبر جو ساٿي ڪير....؟

❖ آخرت ڪنهن جي لاءِ...!!

**پيشڪش**

المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) دعوت اسلامي

**ترجمو**

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ دعوتِ اسلامي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ۾ خطرناڪ بگهڙ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن ڪتاب ۾ مون تي دُرود پاڪ لکيو ته جيسيتائين منهنجو نالو اُن ۾ لکيل رهندو، ملائڪ لکڻ واري جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا رهندا. (1)

عجب کرم ہے کہ خود مُجرِموں کے حامی | گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں

وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی | یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں (2)

**وضاحت:** هي ڪهڙو نرالو ڪرم آهي جو سرورِ عالم، نورِ مُجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جي ڏينهن پنهنجي گنهگار اُمتين جي بخشش ڪرائڻ پاڻ تشريف آڻيندا، هڪ روايت جي مطابق هڪ شخص دُنيا ۾ هڪ ڪاغذ تي دُرود لکيو هوندو، سرورِ عالم نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُن جو لکيل هي دُرود پاڪ هن جي نيڪين واري پڙ ۾ رکي ڇڏيندا، جنهن جي برڪت سان نيڪين وارو پڙ وزندار ٿي ويندو ۽ ان گنهگار جي بخشش ٿي ويندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... معجم اَوْسط، جلد:1، صفحه:497، حديث:1835.

[2]... سامانِ بخشش، صفحه:93-94 ملتقطاً.

# بيان ٻڌڻ جو نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سني نيت ماڻهو کي جنّت ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهرين ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثلاً نيت ڪيو! ❁رضاءِ الٰهي جي لاءِ پورو بيان ٻڌندس ❁با اَدب ويهندس ❁خوب تَوَجَّہ سان بيان ٻڌندس ❁جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُلِلّٰه! اسان مسلمان آهيون، رَبَّ ڪريم پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي ايمان جي دولت عطا فرمائي. ايمان هڪ نور آهي، جيڪو ٻانهي جي دل ۾ رکيو ويندو آهي، پوءِ ان نور جي روشني، اُن جي چمڪ دمڪ ٻانهي جي عضون (مثلاً هٿ، پير، زبان، اک وغيره) ۾، اُن جي فعلَن ۾، ڪردار ۾، اَخلاق ۾ نظر ايندي آهي، ڪافي ساريون اهڙيون شيون آهن، جيڪي دل ۾ موجود ايمان جي نُور کي گهٽ ڪري ڇڏين ٿيون، انسان جي دل ۾ ايمان جو نور موجود تہ هوندو آهي ڏسڻ وارا ان کي مسلمان ئي چوندا آهن، ٻانهو پاڻ بہ پنهنجي پاڻ کي مسلمان ئي سمجهندو آهي، الله پاڪ، ان جي رسولن، ڪتابن، ملائڪن ۽ قيامت وغيره کي مڃيندو بہ آهي، انهن تي ايمان بہ رکندو آهي پر اُن جي دل ۾ ايمان جو نور ايترو تہ گهٽ ٿي ويندو آهي جو اُن نور جي روشني، ان جي چمڪ دمڪ ٻانهي جي عضون(*Organs*) مان، ان جي ڪمن مان، اخلاق ۽ ڪردار مان ظاهر ناهي ٿي رهي هوندي، ماڻهو هوندو مسلمان ئي آهي پر ان جا ڪمَ مسلمانن وارا ناهن هوندا، ان جي دل نيڪين ۾ ناهي لڳندي، نيڪين جي لذّت گهٽ ۽ گناهن جي لذّت وڌي ويندي آهي، آخرت تي ايمان هجڻ باوجود ماڻهو آخرت کي وساري

[1]…مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ويهندو آهي، قبرون ڏسي ڪري بہ عبرت ناهي وٺندو، مطلب: دِل ۾ ايمان جو نور گهٽ ٿي وڃي تہ اهڙي حالت ٿي ويندي آهي جو

بجھی عشق کی آگ اندھیر ہے | مسلماں نہیں راکھ کا ڈھیر ہے

هاڻ اهي ڪهڙيون شيون آهن جيڪي دل ۾ ايمان جي نُور کي گهٽ ڪنديون آهن؟ اچو! انهن مان 2 نهايت خطرناڪ (*Dangerous*) ۽ انتهائي نقصان ڪار شين جي باري ۾ هڪ سبق آموز حديث پڙهون ٿا:

## ٻہ خطرناڪ بگهڙ

جيئن تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَا ذِئۡبَانِ ضَارِيَانِ تَأْتِيَا فِيۡ غَنَمٍ غَابَ رِعَاءُهَا بِاَفۡسَدَ لِلنَّاسِ مِنۡ حُبِّ الشَّرَفِ وَ الۡمَالِ لِدِيۡنِ الۡمُؤۡمِنِ[1] هن حديث جو خلاصو هي آهي تہ مثال طور ٻڪرين جو هڪ ڌڻ آهي، تنهن جو رکوال يا ڌنار (*Shepherd*) ڪيڏانهن هليو ويو هجي، ٻڪريون بلڪل اڪيليون، بي يارو مددگار آهن، اهڙي صورت ۾ 2 بگهڙ جيڪي بکايل بہ هجن، انهن کي سخت بُک لڳل هجي، اهي جيڪڏهن ٻڪرين جي اُن ڌڻ تي حملو ڪري ڇڏين تہ ڪيتري تباهي مچائيندا؟ ڪائڻ لاءِ تہ شايد هڪ بگهڙ هڪ ئي ٻڪري کي ڪائي سگهندو پر ٻڪرين جو **رکوال** موجود ناهي، بگهڙن کي ڪو خطرو ڪونهي، اهو بلڪل بي خوف ٿي ڪري ٻڪرين تي حملو (*Attack*) ڪندا، نہ ڄاڻ ڪيترين ٻڪرين کي زخمي ڪري وجهندا ۽ نہ ڄاڻ ڪيتريون ٻڪريون هلاڪ ڪري وجهندا.

مطلب تہ هي بکيا بگهڙَ! ٻڪرين جي ڌڻ کي جيترو نقصان پهچائيندا، جيتري تباهي مچائيندا، مال ۽ جاهہ (يعني شرف ۽ عزّت) جي محبت اهي خطرناڪ بگهڙَ آهن، جيڪي اُنهن ٻنهي بگهڙَن کان بہ وڌيڪ انسان جي دِين ۾ تباهي مچائيندا آهن.

---

1…مجموع رسائل ابن رجب حنبلی، جلد:1، صفحہ:63۔

**الله اڪبر!** پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اسان جي ڪريم آقا، رحيم آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيترو زبردست مثال (*Example*) ڏئي ڪري اسان کي سمجهايو آهي ته اي منهنجا غلامؤ! اي اُمّتيو! مال جي مُحبَّت ۽ عِزَّت ۽ وڏائي جي چاهت توهان جي دين ۽ ايمان جي لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن، هي توهان کي دنيا ۽ آخرت ۾ برباد ڪري ڇڏينديون، لهٰذا انهن کان بچندا رهو.....!!

آه!دولت کی حفاظت میں توسب ہیں کوشاں | حِفظِ ایماں کا تصوُّر ہی مِٹا جاتا ہے
یاد رکھوّ! وُہی بے عقل ہے اَحمق ہے جو | کثرتِ مال کی چاہت میں مرا جاتا ہے
اپنی الفت کا مجھے جام پلا دو ساقی | قلب دنیا کی محبت میں پھنسا جاتا ہے [1]

## مال جي محبت ۽ حُبِ جاھ دل ۾ نفاق پيدا ڪندا آهن

هڪ حديث ۾ آهي: مال جي مُحبَّت ۽ وڏائي ۽ عزّت جي چاهت دل ۾ نِفاق پيدا ڪندا آهن، جيئن پاڻي سبزي (*Vegetable*) ڦُٽائيندو آهي.[2]

تِرا غم ہی چاہے عطّارؔ اِسی میں رہے گرِفتار | غمِ مال سے بچانا مَدنی مدینے والے [3]

الله پاڪ اسان کي حُبّ جاهِ ۽ مال جي محبت جي آفت کان محفوظ فرمائي.

آمين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ -

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مال جي مُحبت جي نقصان جو بيان

عالم سڳورا فرمائن ٿا: مال جي محبت جون ٻه صورتون آهن

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:432۔

[2]... الزواجر عن اقتراف الكبائر ، الكبيرة الثالثة والخمسون بعد المائتين، جلد:2، صفحہ:44۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ :429۔

## مال جي مُحبت جي پهرين صورت; بُري لالچ

هڪ صورت هي آهي تہ انسان جي دل ۾ مال جي گهڻي محبت هجي، ٻانهو چاهيندو هجي تہ مان راتون رات امير ٿي وڃان، منهنجون فيڪٽريون(*Factories*) هجن، ڪوٺا، بنگلا هجن، بينڪ بيلنس (*Bank Balance*) هجي، وڏيون وڏيون گاڏيون هجن پر مال جي اُن بُري محبّت جي ڪري ماڻهو حرام ڏانهن هٿ نہ وڌائي، مثلاً پنهنجي خواهشن جي تڪميل جي لاءِ رشوَت جو ڏيڻ وٺڻ نہ ڪري، ماپ تور ۾ ٺڳي نہ ڪري، وياج ڏانهن نہ وڌي، چوري چڪاري نہ ڪري، ٻين کي ڌوکو نہ ڏي.

مقصد: ماڻهوءَ جي دل ۾ مال جي محبت تہ آهي پر حرام تي اُڀارڻ واري محبت ناهي، **ان کي حِرص چوندا آهن**. هي بہ وڏي نقصان ڪار شيءِ آهي.....!!

## مال جي محبَت منافق بڻائيندي آهي (عبرت ناڪ واقعو)

هاڻي هڪ سبق آموز واقعو توهان کي ٻڌايان ٿو: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري زندگي مبارڪ جي زماني ۾ هڪ شخص هو، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ حاضر ٿيندو هو، اُن ڪلمو بہ پڙهي ورتو هو، ايمان بہ قبول ڪيو هو، اِمامُ الاَنبياء، محبوبِ خُدا صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي امامت ۾ نمازون بہ پڙهندو هو ۽ هي ايترو پڪو نمازي پرهيزگار هو جو حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي ڏينهن رات (رات جو اڪثر حصو) مسجِدِ نبوي شريف ۾ حاضر رهندو هو، ايسيتائين جو اُن جو لقب حَمَامَةُ الۡمَسۡجِد (يعني مسجد جو ڪبوتر) ٿي ويو (1)

هي شخص معاشي لحاظ کان تمام غريب هو، تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: اُن شخص رسولِ ڪريم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي درخواست ڪئي منهنجي لاءِ مالدار ٿيڻ جي دعا فرمايو پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **ٿورو مال جنهن جو تون شڪر ادا ڪري سگهين ان کان بهتر آهي جنهن جو شڪر ادا نہ ڪري سگهين**. وري ٻيهر ان حاضر ٿي ڪري اها ئي

[1]... تفسیر نعیمی، پارہ:10، سورۂ توبہ، تحت الآیۃ:75-76، جلد:10، صفحہ:482۔

درخواست ڪئي ۽ چيو: اُن جو قسم جنهن توهان کي سچو نبي بڻائي ڪري موڪليو تہ جيڪڏهن اهو مون کي مال ڏيندو تہ مان هر حق وارو جو حق ادا ڪندس. حضورِ اقدس صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا فرمائي، جيئن تہ الله پاڪ ان جي ٻڪرين ۾ برڪت وڌي ۽ ايترين ٻڪريون وڌي ويون جو مديني منوره ۾ سندس ٻڪرين جي گنجائش نہ رهي، جيئن تہ اهو لالچي شخص ٻڪريون ڪاهي جهنگل ۾ هليو ويو ۽ جمعي ۽ جماعت جي حاضري کان بہ محروم ٿي ويو. حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُن جي باري ۾ پڇا ڪئي؟ تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو تہ ان وٽ مال تمام گهڻو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي جهنگ ۾ بہ سندس مال (ٻيهارڻ) جي گنجائش ناهي رهي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اُن تي افسوس.....!!

پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ زڪوٰة وٺڻ وارن کي موڪليو تہ ماڻهن کين پنهنجا پنهنجا صدقا ڏنا، جڏهن اُن لالچي شخص کان انهن صدقو گهريو تہ ان چيو: هي تہ ٽيڪس ٿي ويو، توهان وڃو مان پهريان سوچي وٺان. جڏهن هي ماڻهو رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ واپس آيا تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي ڪجهہ عرض ڪرڻ کان پهريان ئي 2 ڀيرا فرمايو: اُن (لالچي شخص) تي افسوس....!! اُن کان پوءِ هي آيت ڪريمہ نازل ٿي [1]

وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَىٕنْ اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِیْنَ (۷۵)

فَلَمَّاۤ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ (۷۶)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن ۾ ڪجهہ اُهي آهن جن الله سان وعدو ڪري رکيو آهي تہ جيڪڏهن الله اسان کي پنهنجي فضل سان ڏيندو تہ اسان ضرور صدقو ڪنداسين ۽ اسان ضرور صالحن مان ٿينداسين. پوءِ جڏهن الله انهن کي

---

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:10، سورة توبہ، تحت الآية:75-76، جلد:4، صفحہ: 186۔

پنهنجي فضل سان عطا ڪيو تہ ان ۾ بخل ڪرڻ لڳا ۽ منهن ڦيري ويا.
(پاره:10،سورة توبہ:75-76)

الله! الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** هي آهي مال جي محبت جو نقصان آهي....! سرورِ عالم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ اُن لالچي منافق کي سمجهايو تہ ٿورو مال جنهن جو تون شڪر ادا ڪري سگهين، ان گهڻي مال کان بهتر آهي، جنهن جو تون شڪر ادا نہ ڪري سگهين. پر اُن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، ان دنيا جي مال کي پسند ڪيو، افسوس! اهو ئي شخص جيڪو ڏينهن رات جو گهڻو حصو مسجد ۾ گذاريندو هو، جنهن کي حَمَّامَةُ الْمَسْجِد (يعني مسجد جو ڪبوتر) چيو ويندو هو، مال جي محبت ان جي دل تي ڇانئجي وئي، ان جي دل مان ايمان جو نُور وسامي ويو ۽ ان جي دل ۾ منافقت جي باهہ ڀڙڪي اُٿي...!! الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِیْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى یَوْمِ یَلْقَوْنَهٗ

ترجمو ڪنزُالعرفان: پوءِ الله انجام جي طور تي ان ڏينهن تائين انهن جي دلين ۾ منافقت وجهي ڇڏي جنهن ڏينهن اهي ان سان ملندا.
(پاره:10،سورة توبہ: 77)

يعني مال جي محبّت جي سبب اُن منافق ڪنجوسي ڪئي، زڪوٰة ڏيڻ کان انڪار ڪيائين، ان وعدو ڪيو هو تہ رَبّ ڪريم مون کي مال عطا فرمايو تہ مان ان جا حقّ ادا ڪندس، ان وعدي جي خلاف ورزي ڪئي، الله ۽ رسول جي حڪم کان منهن موڙيائين تہ ان کي سزا ملي جو ان جي دل ۾ منافقت گهر ڪري وئي.[1]

## منافقن جو هڪ بُرو طرز عمل

هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: اُن شخص جي طرز عمل (*Behavior*) کي سامهون رکي ڪري اسان پنهنجي حالات تي غور ڪيون، اسان مان بہ ڪيترا ئي ماڻهو اهڙا آهن جن وٽ مال ناهي هوندو،

---

[1]...تفسير نعيمى، پاره:10، سورة توبہ، تحت الآية: 77، جلد:10، صفحہ:488خلاصةً.

غُربت جي زندگي گذاري رهيا هوندا آهن، اهي دعائون ڪندا آهن: اي ربّ پاڪ! اي پالڻهار! اسان کي مال عطا فرماءِ، اسان ان مال ذريعي نيڪ ڪم ڪنداسون، غريبن جي مدد ڪنداسين، بي سهارن جو سهارو بڻجنداسين. پر افسوس! جڏهن انهن کي مال ملندو آهي، انهن جي غربت اميري ۾ تبديل ٿي ويندي آهي ته الله پاڪ سان ڪيل سڀ وعدا وسري ويندا آهن، مال جي ذريعي غريبن، بي سهارن جي مدد ڪرڻ ته پري جي ڳالهه انهن کي چڱي نظر سان ڏسڻ به پسند ناهن ڪندا. ياد رکو! قرآنِ ڪريم هن طرزِ عمل کي منافقن جو انداز قرار ڏي ٿو ۽ يقيناً هي هڪ سچي مسلمان جو ڪردار (*Character*) نه ٿو ٿي سگهي.[1] ڪاش! مال ۽ دولت جي محبت جي بجاءِ اسان کي دولتِ عشقِ رسول نصيب ٿي وڃي. شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:

مُجھ کو دنیا کی دولت نہ زَر چاہیے | شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیے
ذَوق بڑھتا رہے اَشک بہتے رہیں | مُضطَرِب قَلب اور چَشمِ تر چاہیے
بس مدینے میں دو گز زمیں دیجئے | اور نہ کچھ اے شہِ بحر و بر چاہیے[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اندازو ڪيو! مال جي محبّت ايمان جي لاءِ ڪيتري قدر خطرناڪ آهي. مال جي محبت جڏهن دل ۾ گهَرُ ڪري ويندي آهي ته ايمان جي نُور کي گهٽ ڪري ڇڏيندي آهي، الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دور ۾ هڪ شخص هو، جنهن کي بَلْعَمْ بن باعُوراء چيو وڃي ٿو، هي پنهنجي وقت جو تمام وڏو عالم هو، رَبّ ڪائنات ان کي اهڙو بلند رُتبو عطا فرمايو هو جو زمين تي ويهي ڪري جڏهن نگاهه کڻندو هو ته لوحِ محفوظ

---

1 ...تفسير صراط الجنان، پاره:10، سورهٔ توبه، تحت الآية: 77، جلد:4، صفحه:189 ملتقطاً۔

2 ...وسائل بخشش، صفحه:513۔

ڪي پڙهي وٺندو هو، مستجابُ الدَّعوات بہ هو يعني ان جون دعائون قبول ٿينديون هيون.

اهڙو پائي جو ڪامل ولي...!! پر افسوس! مال جي محبت، مال جي حِرص ۽ لالچ ان کي تباهہ ۽ برباد ڪري رکي ڇڏيو، ان جي قوم ان کي چيو: اي بَلْعَم...!! حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام جي خلاف بد دعا ڪر....!! چيائين: هو الله پاڪ جو نبي آهي، مان هر گز ان جي خلاف بد دعا نٿو ڪري سگهان، ان جي قوم ان کي مال ۽ دولت جي لالچ ڏني، افسوس! مال ۽ دولت جي محبّت ان جي عقل تي پردو وجهي ڇڏيو، بَلْعَمْ بن باعُوراء مال جي محبّت ۽ حرص ۽ لالچ ۾ اچي ويو، اُن بدبخت الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام جي خلاف بد دعا جي لاءِ هٿ کنيا! خدا جي قدرت ڏسو! بَلْعَم بن باعُوراء بددعا تہ حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام جي خلاف ڪندو هو پر ان جي زبان مان پنهنجو نالو ئي نڪرندو هو، آخرڪار ان بدبخت تي الله پاڪ جو عذاب نازل ٿيو، ان جي زبان لڙڪي سيني تائين اچي وئي ۽ افسوس! صد ڪروڙ افسوس! پنهنجي وقت جو بلند رُتبي وارو ڪامل ولي مال جي حِرص ۽ محبّت جي سبب ڪفر جي موت مري ويو.[1]

| | |
|---|---|
| جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے | مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے |
| کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے | جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سُونے |
| جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے |
| ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے | مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے |
| ہوئے نامور بے نشان کیسے کیسے | زمین کھا گئی نوجواں کیسے کیسے |
| جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے |

## جائيداد نہ بڻايو! نہ تہ دنيا جا ٿي ڪري رهجي ويندؤ

[1]... عجائب القرآن مع غرائب القرآن، صفحہ:117-118 خلاصۃً۔

اي عاشقانِ رسول! اللہ پاڪ اسان کي مال جي محبت کان محفوظ فرمائي. ايمان جي مضبوطي ۽ اخلاق ۽ ڪردار جي دُرُستگي ان ۾ آهي تہ ٻانهو هرگهڙي موت، قبر ۽ آخرت کي ياد رکي پر دُنياوي مال جو هڪ انتهائي بُرو اَثر هي آهي تہ ان جي محبت انسان کي غافل ڪري ڇڏيندي آهي، مال جي محبّت جي ڪارڻ انسان آخرت کي وساري ڇڏيندو آهي، دُنيا ۽ ان جي محبت دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي ۽ دنيا جي محبّت ئي اها شيءِ آهي جيڪا انسان کي گناهن ۽ بُرائين جي اونهي کڏي ۾ ڌڪي ڇڏيندي آهي. انهي ڪري اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: لَا تَتَّخِذُوا الضَّيْعَةَ فَتَرْغَبُوا فِي الدُّنْيَا يعني (اي انسانو...!!) جائيداد (*Property*)نہ ٺاهيو! نہ تہ دنيا جا ٿي ڪري رهجي ويندؤ. [(1)]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مال کي اڳتي موڪلي ڇڏيو

حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاه رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يَا رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي ڇا ٿي ويو آهي جو مان موت کي پسند نٿو ڪيان (يعني منهنجي دل دُنيا ڏانهن مائل آهي، مان پنهنجي دل ۾ آخرت ڏانهن لاڙو گهٽ ٿو ڏسان ۽ موت جيڪو جنّت تائين پهچائڻ جو رستو آهي، مون کي اهو موت پسند ناهي) سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا تو وٽ مال آهي؟ عرض ڪيائين هائو! يارسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فرمايائون: پنهنجو مال (آخرت جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪري) اڳتي موڪلي ڇڏ! ڇو تہ انسان جي دل پنهنجي مال سان هوندي آهي، جيڪڏهن هي پنهنجي مال کي اڳتي موڪلي ڇڏي (يعني صدقو

[1]...ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:557، حدیث:2328۔

۽ خيرات ڪري ڇڏي) ته ان سان ملڻ چاهيندو آهي ۽ جيڪڏهن مال کي پوئتي ڇڏي ڏي ته ان سان پوئتي رهڻ چاهيندو آهي. (1)

ہمارے دل سے نکل جائے الفتِ دنیا | دے دل میں عشقِ مُحَمَّد مرے رچا یاربّ! (2

## مال ته جمع ڪيو پر.....!!

هڪ پيري ڪنهن نيڪ بزرگ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: فلاڻو شخص مال جمع ڪري رهيو آهي. الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي نهايت پياري ڳالهه ارشاد فرمائي، فرمايائون: اهو مال ته جمع ڪري رهيو آهي، ڇا ان کي خرچ ڪرڻ لاءِ ڏينهن به جمع ڪري رهيو آهي. (3)

هي هڪ واضح حقيت(***Reality***) آهي، مال جيسيتائين اسان وٽ هجي، پلي تجوريون پريل هجن، اسان ڪروڙين روپين جا ملڪ هجون، هي مال اسان کي بلڪل نفعو نٿو پهچائي سگهي، مال جو فائدو ان وقت ٿيندو آهي جڏهن ماڻهو ان کي خرچ ڪندو آهي ۽ مال کي خرچ ڪرڻ جي لاءِ وقت گهرجي، زندگي گهرجي! ساهه هلي رهيو هجي، تڏهن ئي ماڻهو مال مان فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو پر معاملو ايئن آهي جو ماڻهو مال جي پويان ڀڄندو آهي، روپيو روپيو ڪري مال گڏ ڪندو آهي، ان جي تجوري ۾ مال وڌندو ويندو آهي، بينڪ بيلنس ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي ليڪن افسوس! ان سان گڏوگڏ زندگي گهٽ ٿيندي ويندي آهي. هيڏانهن تجوري ڀرجندي آهي، هوڏانهن زندگي ختم ٿي ويندي آهي.

سیٹھ جی کو فکر تھی کہ اِکْ اِکْ کے دَسْ دَس کیجئے!
موت آ پہنچی کہ مسٹر جان واپس کیجئے!

---

1…الزہد لابن المبارک، جز:5، صفحہ:224، حدیث:634۔

2…وسائل بخشش، صفحہ:82۔

3… مجموع رسائل ابن رجب، جلد:1، صفحہ:65۔

هاڻ 2 ئي ڪم هوندا آهن: **(1):** مال سان محبت ڪرڻ وارو، مال جي حِرص ۾ آخرت کي وسارڻ وارو خالي هٿين قبر ۾ لهي ويندو آهي **(2):** ۽ ان جوجمع ڪيل مال سندس وارث مزي سان اُڏائيندا آهن. افسوس!

چهِ چِيزِے بَه چهِ چِيزِے رَفت

يعني هاءِ افسوس! ڪيتري قيمتي زندگي، ڪيتري حقير ڪم ۾ گذري وئي....!!

افسوس گھٹتی جا رہی ہے زِندگی پر میں ... دبا ہی جاتا ہوں عِصیاں کے بار میں[1]

مال جي طلب ۾ اهڙو گم ٿيس جو نماز جي تہ فُرصَت ئي نہ ملي، دنيا ڪمائڻ جو اهڙو فڪر هو جو قرآن جي تلاوت جو موقعو ئي نہ ملي سگھيو، سڄي زندگي مال ڪمائڻ ۽ گڏ ڪرڻ ۾ گذري وئي، افسوس! افسوس....!! آخرت جي لاءِ تہ ڪجھ ڪيو ئي نہ هو، دنيا بہ هٿ مان وئي، هاڻي خالي هٿين اونداهي قبر ۾ پيا آهن.

الله! حُبِّ دنیا سے تُو مجھے بچانا ... سائل ہوں یاخدا میں عشقِ محمدی کا

کچھ نیکیاں کمالے جلد آخِرت بنالے ... کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندَگی کا[2]

## قبر جو ساٿي ڪير....؟

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انسان جا 3 دوست آهن: **(1):** هڪ اهو جيڪو ان جي روح نڪرڻ تائين ان سان گڏ هوندو آهي **(2):** ٻيو ان جي قبر تائين گڏ ويندو آهي ۽ **(3):** ٽيون ميدانِ محشر تائين ساٿ ڏيندو آهي. انسان جو اهو دوست جيڪو ان جي مرڻ تائين گڏ هوندو

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:274۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:178ملتقطاً۔

آهي، اهو سندس مال آهي ۽ انسان جو اهو دوست جيڪو قبر تائين ويندو آهي، اهي سندس گهر وارا آهن ۽ انسان جو اهو باوفا دوست جيڪو ميدانِ محشر تائين گڏ هوندو آهي اهو سندس عمل آهي.[1]

| | |
|---|---|
| دولتِ دنیا کے پیچھے تُو نہ جا | آخِرت میں مال کا ہے کام کیا! |
| مالِ دنیا دو جہاں میں ہے وَبال | کام آئے گا نہ پیشِ ذوالجلال |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مال جي حِرص ۽ محبت کان بچڻ گهرجي، جيترو ڪمائڻ ضروري آهي، ايترو ڪمايو، جيترو جمع ڪرڻ ضروري آهي، ايترو جمع ڪيو، جيتوڻيڪ ان جي محبت ۾ پئجي ڪري ڏينهن رات بس مال ڪمائڻ ۽ جمع ڪرڻ ئي جي فڪر ۾ رهڻ، مال جي محبت جي سبب آخرت کي وساري ڇڏڻ، نيڪ عملن کان پري ٿي وڃڻ سراسر ناداني آهي. الله پاڪ اسان کي مال جي حِرص کان محفوظ فرمائي. آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## مال جي محبت جي ٻي صورت: شُحُّ

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ته هئي مال جي اها محبت جيڪا ماڻهو کي حرام تي نه ٿي اياري، باقهو مال جو حريص ته هوندو آهي، راتون رات مالدار ٻڻجڻ جا خواب ته سجائيندو آهي پر پنهنجي انهن خواهشن جي تڪميل جي لاءِ حرام ذريعن ڏانهن هٿ ناهي وڌائيندو، مال جي هي محبّت به ايتري قدر نقصان ڪار آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ايمان کسجي وڃڻ جو سبب بڻجي ويندي آهي، ڪڏهن دل ۾ نفاق پيدا ڪندي آهي، ماڻهو کان آخرت وسارائي ڪري دنيا جو ديوانو بڻائي غفلت جو شڪار ڪري ڇڏيندي آهي.

مال جي محبّت جي هڪ ٻي صورت به آهي، ان کي شُحٌّ چوندا آهن. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

---

[1] …بخاری، کتاب الرقاق، باب سکرات الموت، صفحہ:1599، حدیث:6514بتغیر قلیل ۔

وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝۹

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو ته اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن. (پاره:28،سورۃ حشر:9)

شُحٌّ جو مطلب آهي ته بانهو مال جي محبت ۾ ايترو اڳتي نڪري وڃي جو هاڻي ان کي حلال حرام جي تمييز به نه رهي، يعني ان درجي تي اچي مال جي محبّت حِرص جي بجاءِ هَوَس ۾ بدلجي ويندي آهي، هاڻي بانهو چاهيندو آهي ته هاڻي بس مال اچي، ان جي لاءِ وياج جي ڏي وٺ ۾ به پئجي ويندو آهي، رشوت به ڪائيندو آهي، ماپ تور ۾ ڻگي به ڪندو آهي، ٻين کي ڌوڪو به ڏيندو آهي، مطلب ان کي بس مال جي طلب هوندي آهي، حرام ذريعي سان اچي رهيو آهي يا حلال ذريعي سان، اُن کي هِن جي ڪا پرواهه ناهي رهندي، دِل ۾ مال جي محبت ايتري گهڻي وڌي وڃي ته ان کي شُحٌّ چيو ويندو آهي.[1]

## شُحّ کان بچو ڇوته ان پهريان وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہ عَنْهما کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: شُحٌّ (يعني مال جي گهڻي محبّت) کان بچو! بيشڪ توهان کان پهرين وارن کي ان هلاڪ ڪري ڇڏيو. شُحٌّ (يعني مال جي تمام گهڻي محبّت) انهن کي رشتيداري ٽوڙڻ تي اُڀاريو ته انهن رشتا ٽوڙيا، انهيءَ کين ڪنجوسي تي اڀاريو ته انهن ڪنجوسي ڪئي، مال جي انتهائي محبّت کين گناهن تي اڀاريو ته هي گناهن جي دلدل ۾ وڃي ڪِريا.[2] مُسلِم شريف جي روايت ۾ آهي: شُحٌّ (يعني مال جي گهڻي محبّت) توهان کان پهرين کي قتل تي اُڀاريو ته انهن قتل ڪيا ۽ حرام کي حلال قرار ڏيڻ لڳا.[3]

## شُحُّ ۽ ايمان هڪ دل ۾ جمع نه ٿا ٿي سگهن

---

[1]...مجموع رسائل ابن رجب حنبلی، جلد:1، صفحہ:69بتغير قليل۔

[2]...مسند احمد ، جلد:3، صفحہ:528، حديث:6643ملتقطاً۔

[3]...مسلم، کتاب البر والصلة، صفحہ:1000، حديث:2578۔

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: شُحٌّ (يعني مال جي گهڻي محبّت) ۽ ايمان ڪنهن ٻانهي جي دل ۾ جمع نہ ٿا ٿي سگهن. [(1)]

## مال گڏ ڪرڻ ۽ ڳڻي ڳڻي ڪري رکڻ وارن جي مذمت

سيپاري:30، سورة هُمَزَه، آيت 2 کان 9 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اُن کي ڳڻي ڳڻي رکيو. اهو سمجهي ٿو تہ ان جو مال ان کي (دنيا ۾) هميشہ رکندو. هرگز نہ، اهو ضرور ضرور ذرو ذرو ڪرڻ واري ۾ اڇليو ويندو. ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها ذرور ذرور ڪرڻ واري ڇا آهي؟ اها الله جي ڀڙڪايل باھ آهي. اها جيڪا دلين تي چڙهي ويندي . بيشڪ اها انهن تي بند ڪئي ويندي. ڊگهن ٿنين سان.

هنن آيتن جي حوالي سان **تفسير صراط الجنان** ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي، ان جو خلاصو ڪجھ هن ريت آهي تہ اهو شخص جيڪو حرام ذريعن سان مال گڏ ڪندو آهي، پنهنجي مال مان شرعي حقّ ادا ناهي ڪندو، مال گڏ ڪرڻ ۾ ايترو مشغول ٿي ويندو آهي جو آخرت کي وساري ئي ويهندو آهي، اهڙو شخص ڇا اهو سمجهي ٿو تہ ان کي دنيا ۾ هميشہ رهڻو آهي، ڇا ان جو مال ڪيس موت کان بچائي وٺندو جو ان جي ڀروسي تي هي مال جي محبت ۾ مست رهي ٿو، نيڪ عملن ڏانهن لاڙو نٿو ڪري؟ نہ...؟ ايئن هرگز نہ ٿيندو بلڪ اهو ضرور جهنّم جي ذرا ذرا ڪندڙ طبقي ۾ اڇليو ويندو، جتي باھ ان جون هڏيون پاسراٽيون ڀڃي ڇڏيندي ۽ توهان ڇا ڄاڻو اها ذرا ذرا ڪري ڇڏيندڙ ڇا آهي؟ اها الله پاڪ جي ڀڙڪايل باھ آهي جيڪا ڪڏهن ٿڌي نہ ٿيندي. هي باھ جسم جي ظاهري حصي کي بہ ساڙيندي ۽ جسم جي اندر پهچي ڪري دل کي بہ ساڙي ڇڏيندي، بيشڪ مال جي اهڙن حريصن کي باھ ۾ وجهي دروازا بند ڪيا ويندا. الامان والحفيظ! الامان والحفيظ!

بھائیو!ہر دم بچو تم حُبِّ جاہ و مال سے | ہر گھڑی چوکس رہو شیطان کی اِس چال سے

[1]...نسائی، کتاب الجہاد، صفحہ:505، حدیث:3108۔

| | |
|---|---|
| مالداروں کی خوشامد میں ہلاکت ہے بڑی | تُو گناہوں میں پڑے گا آئے گی شامت تری |
| کان دھرکے سُن! نہ بننا تُو حریصِ مال و زَر! | کر قناعت اِختیار اے بھائی تھوڑے رِزق پر [(1)] |

## پوئين گفتگو جو خلاصو

اي عاشقان رسول! هي مال جي محبت جون ٻہ صورتون آهن: **(1):**حِرص: يعني ماڻهو مال جي محبت ۾ گرفتار تہ هجي پر ان جي لاءِ حرام ذانهن هٿ نہ وڌائي **(2):** ٻي صورت: شُحٌّ يعني ماڻهو مال جي محبت ۾ ايترو اڳتي وڌي وڃي جو ان کي حرام حلال جي پرواهہ ئي نہ رهي.

مال جي محبت جون هي ٻئي صورتون ايمان جي لاءِ سخت خطرناڪ آهن، مال جي محبت دل ۾ نفاق پيدا ڪندي آهي، مال جي محبت خطرناڪ بگھڙ آهي، هي اها خطرناڪ باهہ آهي جيڪا دل تي ڇانئجي ويندي آهي تہ ايمان جو نور وسائي ٻہ سگھي ٿي، ان ڪري اسان کي مال جي محبت کان هر دم بچندي رهڻ گھرجي.

| | |
|---|---|
| مرے دل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی! |
| تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے | مرے غوث کا واسِطہ یاالٰہی! |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شرف و عزت جي محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شروع ۾ حديث پاڪ ٻڌي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم 2 شين کي دين جي لاءِ سخت خطرناڪ ٻڌايو، ان مان ٻي شي آهي حبّ جاهہ يعني عزّت ۽ شهرت جي محبت.

## شهرت جي محبت مال کان وڌيڪ خطرناڪ آهي

عالم سڳورا فرمائن ٿا: شهرت جي محبت مال کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي، مال اها شيءِ آهي، جنهن جي لاءِ ماڻهو دَر دَر جون ٺوڪرون کائيندو آهي، مال

1...وسائل بخشش، صفحہ:698۔

جي حاصلات لاءِ پنهنجو وقت، پنهنجي طاقت، گهر ٻار کان جدائي سڀ ڪجھ برداشت ڪري وٺندو آهي ۽ حُبِّ جاھ (يعني شهرت ۽ عزت جي محبت) اهڙي شيءِ آهي جو ان جي لاءِ رت ۽ پگهر جي ڪمائي بہ لٽائيندي پوي تہ انسان بلڪل جَجهڪ محسوس ناهي ڪندو بلڪ دنيا جي ڪوڙي ۽ بي فائده عزت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻي وانگر پئسو وهائي ڇڏيندو آهي. اسان وٽ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي صرف سستي شهرت جي لاءِ ميڊيا تي پٽڪندا وتندا آهن، اڄڪلھ تہ سوشل ميڊيا (***Social Media***) جو دور آهي، ماڻهو شهرت جي طلب ۾ بي ڍنگهيون حرڪتون ڪندا آهن، فضول بلڪ گناهن ڀريون ويڊيو ٺاهي ڪري سوشل ميڊيا تي اَپ لوڊ (***Upload***) ڪندا آهن، سيلفي بڻائي ڪري سوشل ميڊيا تي وجهندا ۽ مشهور (***Famous***) ٿيڻ جي چڪر ۾ اهڙن اهڙن خطرن سان کيڏندا آهن جو الله پاڪ جي پناھ...!!

## سيلفي جا نقصانَ

شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي سيلفي جا 30 عبرت ناڪ واقعن مان ڪيئي اهڙا واقعا لکيا آهن، مثلاً ❁ جاپان جو هڪ شخص تاج محل (آگرا، هند) ۾ رائل گيٽ جي ڏاڪڻ چڙهندي سيلفي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، انهي دوران ڏاڪڻ تان ڪريو ۽ جان تان هٿ ڌوئي وينو ❁ روس جي 2 نوجوانن هڪ پيري دستي بم هٿ ۾ کنيو ۽ ان جي پِن ڪيندي سيلفي ڪڍڻ چاهي، تہ انهي دوران بم ڦاٽي پيو ۽ ٻئي موت جي منهن ۾ هليا ويا ❁ راولپنڊي (پاڪستان) جو هڪ چوڪرو ريلوي ٽريڪ تي بيهي ڪري هلندي ريل سان گڏ سيلفي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، انهي مهل ريل سان ٽڪرائجي پيو ۽ موقعي تي ئي دم ڏئي ڇڏيائين.

اهڙا ٻيا بہ ڪيترا ئي عبرتناڪ واقعا آهن ❁ حج ۽ عمري جي سفر دوران بہ سيلفي جا شوقين پنهنجو شوق پورو ڪندي ڏٺا ويندا آهن، ❁ حجر اسود کي چمي ڏيندي ❁ سعي جي دوران ❁ طواف ڪرڻ وقت ❁ ايسيتائين جو مديني منوره ۾ مَواجَهي شريف (يعني روضي مبارڪ جي ديوار جيڪا چهره

انور جي سامهون آهي) ان جي بہ ڪجھ ماڻهو سيلفي ٻڻائي رهيا هوندا آهن، اهڙا بيباڪ بہ آهن جو سيلفي جي شوق ۾ مَواجَهي شريف ڏانهن پٺي ڪري سيلفي ڪيندا آهن، افسوس! ڪاش...!! **اسان جو هي ذهن ٺهجي وڃي تہ سفرِ حرمين سيلفي ٻڻائڻ جي لاءِ نہ بلڪ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ هوندو آهي.**

بهرحال! شهرت جي لاءِ نہ ڄاڻ ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا خطرناڪ ڪم ڪندا آهن، مال خرچ ڪندا آهن ۽ نہ ڄاڻ ڇاڇا ڪرڻو پوندو آهي، الله پاڪ اسان کي شهرت جي محبت کان محفوظ فرمائي. يقين ڄاڻيو! حُبِّ جاہ (يعني شهرت ۽ عزت جي محبت) سخت نقصان ڪار آهي.

## آخرت ڪنهن جي لاءِ آهي

سيپاري 20 سوره قصص، آيت:83 ۾ الله فرمائي ٿو:

ترجمو ڪنزالعرفان: هي آخرت جو گهر آهي اسان انهن جي لاءِ ڪندا آهيون جيڪي زمين ۾ تڪبر نہ چاهيندا آهن ۽ نہ فساد.

يعني آخرت جو گهر جنت ان جي لاءِ آهي جيڪو زمين ۾ غلبو ۽ وڏائي نٿو چاهي، نہ گناهہ ڪري زمين ۾ فساد پکيڙي ٿو. [1]مسلمانن جو چوٿون خليفو اميرالمؤمنين حضرت عليُ المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائي ٿو: جيڪو ماڻهو اهو چاهي تہ منهنجي بوٽ جي ڪَهِي ٻين جي بوٽ کان افضل هجي، اهو بہ هن آيت جي حڪم ۾ داخل آهي. [2]

الله اڪبر! جوتي جي ڪهي تہ پري جي ڳالهہ اسان وٽ تہ هر هر ڳالهہ ۾ مقابلو ڪيو ويندو آهي، منهنجو بوٽ اهڙو هجي جو ماڻهو ڏسي واهہ واهہ ڪن، منهنجا ڪپڙا اعليٰ قسم جا هجن، منهنجي گهر جهڙو گهر ڪنهن جو نہ هجي، منهنجي گاڏي جهڙي گاڏي ڪنهن جي نہ هجي، غرض: هر شيءِ ۾ مقابلو (*Competition*) ڪيو ويندو آهي ۽ ان مقابلي جو مقصد ڇا هوندو آهي؟

---

[1]...حاشیہ صاوی علی تفسیر الجلالین، پارہ:20، سورۃ قصص، تحت الآیۃ:83، جلد:2، صفحہ:304۔

[2]...تفسیر در منثور، پارہ:20، سورۃ قصص، تحت الآیۃ:83، جلد:6، صفحہ:444۔

حُبِّ جاهہ، شهرت، عزّت ۽ ماڻهون مون کي ڏسن، منهنجون شيون ڏسن ۽ واهہ واهہ چوَن.

اي عاشقان رسول! صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اسان جا آئيڊيل (***Ideal***) آهن، اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهن، انهن جا پاڻ ۾ مقابلا ٿيندا هئا هي ٻہ هڪٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ليڪن ڪهڙن ڪمن ۾ نفل روزن ۾، راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ ۾، عبادت ۾، جيئن مسلمانن جو ٻيو خليفي حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْه غزوه تبوڪ ۾ گھر جو اڌ مال خيرات ڪرڻ جي لاءِ ڪڍي آيو تہ مسلمانن جو پهريون خليفو حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه گھر جو سڄو سامان ڪڍي آيو. [1] صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ پيءُ پٽ جي درميان جهاد ۾ شرڪت جي لاءِ بحث ٿيندو هيو، هرڪو چوندو هو مان شرڪت ڪندس توهان گھر ۾ رهو، ايسيتائين جو معذور صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بہ راهِ خدا ۾ شهادت جي لاءِ بيقرار رهندا هئا. [2] غربت ۽ بيڪسي جي ڪري راهِ خدا ۾ سفر نہ ڪري سگھڻ وارا روئندا هئا. هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه جيڪڏهن اڌ رات عبادت ڪندو هو تہ ٻيو سڄي رات عبادت ۾ مشغول ٿي ويندو هو، هڪ جيڪڏهن ٿي حصا قرآن جي تلاوت ڪندو تہ ٻيو اڌ قرآن جي تلاوت ڪندو هو. [3]

ڪاش! اسان دنيا جا نہ آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون، دنيا ۾ جيڪڏهن عزّت ملي بہ وئي، شهرت نصيب ٿي بہ وئي پر ان جي بدلي آخرت داءُ تي لڳي وئي تہ ڪهڙو فائدو، هتي سڀ فاني آهي، چند ڏينهن جي دنيا آهي، افسوس! قيامت جو اهو ڏهڪاءُ وارو ڏينهن.....! اڳيان پويان سڀ حاضر هوندا، قهر کي منهن ڏيڻو پوندو، ان وقت جيڪڏهن اعمالنامو کوليو ويو، ان ۾ گناهن جي پرمار نڪتي تہ ان وقت جيڪا شرمندگي ٿيندي اُن شرمندگي ۽ ندامت جو ڇا

---

[1]... شرح الزرقانی، کتاب المغازی، ثم غزوة تبوک ، جلد:4، صفحه:69۔

[2]...مدارج النبوه، صحابہ در جنگ احد، جز:2، صفحہ:124۔

[3]...تفسیر صراط الجنان، پارہ:2، سورۂ بقرۃ، تحت الآیۃ:148، جلد:1، صفحہ:237۔

ڪنداسين...!! افسوس! ان وقت ڪٿي منهن لڪائينداسين...!! ڪاش! اسان دنيا جي نہ بلڪ آخرت جي عزّت چاهڻ وارا بڻجي وڃون.

## مفت جي تعريف

سيپاري: 4، سورة اٰلِ عمران، آيت:188 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

ترجموڪنزالعرفان: هرگز گمان نہ ڪيو انهن ماڻهن جو جيڪي پنهنجي عملن تي خوش ٿيندا آهن ۽ پسند ڪندا آهن تہ انهن جي اهڙن ڪمن تي تعريف ڪئي وڃي جيڪي انهن ڪيا ئي ناهن، انهن کي هرگز عذاب کان پري نہ سمجهو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي

**تفسير صراط الجنان ۾ آهي:** هن آيت ۾ ان جي لاءِ وعيد آهي جيڪي حب جاهہ يعني عزت، تعريف ۽ شهرت جي حاصل ڪرڻ جي تمنا ۾ مبتلا آهن، جيڪو چاهي ٿو تہ ماڻهو منهنجا شيدائي ٿين، هر زبان منهنجي تعريف ۾ تَر هجي، سڀئي منهنجي ڪمالات جو اعتراف ڪن، مون کي هر جڳهہ عزت سان نوازيو وڃي، مان عالم نہ آهيان، پوءِ بہ مون کي علامہ صاحب چيو وڃي، مون کي ملڪ ۽ قوم جو خدمت گذار، قوم جو محسن قرار ڏنو وڃي، ماڻهو جهڪي ڪري مون کي سلام ڪن، منهنجو تعارف (*Introduction*) بهترين لقبن سان ٿئي، اهڙي شخص کي گهرجي تہ پنهنجي دل تي غور ڪري، ڪٿي هو حُبّ جاهہ جو شڪار تہ ناهي ٿي ويو، جيڪڏهن ايئن هجي تہ هن آيت مان سبق حاصل ڪري ۽ هڪدم حُبّ جاهہ جي آفت کان ڇوٽڪاري جي ڪوشش ڪري. ياد رکو! حُب جاهہ جو مريض آخرت جي انعامن کان محرومي جو شڪار هوندو آهي، جنهن سبب دل ۾ منافقت وڌندي آهي، اهڙو شخص دل جي نورانيت کان محروم ٿي ويندو آهي ۽ ان جي دين ۾ خرابي اچي ويندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اهڙو شخص ذِلّت ۽ رسوائي، دلي سڪون جي بربادي ۽ اخلاص جي دولت کان محرومي جو شڪار بہ ٿي سگهي ٿو. [1]

## آخرت ۾ عيبن جي تشهير ٿيندي

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:4 ، سورۂ آلِ عمران، تحت الآية:188، جلد:2، صفحہ:116-117 بتغير قليل ـ

حضرت جُنْدُب رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو ٻڌڻ چاهيندو، الله ان کي ٻڌائي ڇڏيندو ۽ جيڪو ڏسڻ چاهيندو الله ان کي ڏسي ڇڏيندو.[(1)]

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جيڪو عبادتون ماڻهن جي ڏيکارڻ، ٻڌائڻ جي لاءِ ڪندو ته الله پاڪ دُنيا ۾ يا آخرت ان جا عملَ ماڻهن ۾ مشهور ڪري ڇڏيندو پر عزّت سان نه بلڪ ذلّت سان جو ماڻهو ان جا عمل ٻڌي ڪري ان تي لعن طعن ئي ڪندا.[(2)]

## حبِ جاه دين کي برباد ڪري ڇڏي ٿي

اي عاشقانِ رسول! حب جاه يعني شهرت ۽ عزت جي خواهش وڏو برو وصف آهي، اسان کي حب جاه کان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، باقي! الله پاڪ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي پاڻ ئي شهرت عطا فرمائي ڇڏي، ان جي دل ۾ شهرت جي محبت نه هجي ته ان ۾ يقيناً حرج ناهي، ها! اهڙي شخص کي ٻه گهرجي ته خود پسندي جي آفت ۾ هرگز مبتلا نه ٿئي بلڪ پاڻ کي الله پاڪ جي خفيه تدبير کان ڊيڄاريندو رهي. حضرت بشر حافي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مان ڪنهن اهڙي شخص کي نٿو ڄاڻان جيڪو پنهنجي شهرت چاهيندو هجي ۽ ان جو دين تباهه ۽ برباد ۽ اهو پاڻ ذليل ۽ خوار نه ٿيو هجي.[(3)]

الله پاڪ اسان کي حُبّ جاه ۽ حُبّ مال ۽ ان جهڙين ٻين باطني بيمارين کان محفوظ فرمائي. آمين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

12 ديني ڪمن مان هڪ مدني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

---

[1]...بخاری، کتاب الرقاق، باب الریاء والسمعۃ، صفحہ:1596، حدیث:6499۔

[2]...مرآۃ المناجیح، جلد:7، صفحہ:129۔

[3]...احیاء العلوم، جلد:3، صفحہ:339۔

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ دين کي ڦهلائڻ جهڙي ڪم ۾ مصروف آهي، نيڪ نمازي بڻجڻ، ظاهري ۽ باطني گناهن کان پاڻ کي بچائڻ، فڪرِ آخرت ماڻڻ ۽ الله ۽ رسول جي محبت سان دل کي آباد ڪرڻ جي لاءِ توهان بہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب اڳڀري وڌي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتي وار مدني مذاڪرو بہ آهي.

الحمدُ لِله! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه هر هفتي تي عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي براهِ راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن يعني سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول طرفان پڇيل سوالن جا علم ۽ حڪمت سان ڀرپور جوابَ ارشاد فرمائيندا آهن. توهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪيو ۽ ڍير سارين نيڪين ڪمايو! اچو! ترغيب جي لاءِ مدني مذاڪري جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## ٻارَ بہ نمازي بڻجي ويا

تعلقي تَلہ گنگ (ضلع چڪوال، صوبي پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي: ڀهريان مان معاشري (*Society*) جو وڏو بگڙيل انسان هيس، سگريٽ، چرس، شراب جيڪو ملندو هو ان ڏانهن هٿ وڌائيندو هيس، هڪ ڀيري مون تي ڪرم ٿي ويو ۽ مون رمضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ شروع ڪري ڇڏيا، روزانو رات جو مدني چينل تي مدني مذاڪرو بہ ڏسڻ نصيب ٿي ويو، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي حڪمت ڀرين ڳالهين منهنجي دل تي اهڙو اثر ڪيو جو زندگي ۾ انقلاب اچي ويو، اَلحمدُلِله! مون گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ چهري تي ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ لڳس، مون کي نماز پڙهندي ڏسي منهنجو پُٽ جنهن جي عمر 12 سال ۽ منهنجي ڌي جنهن جي عمر 10 سال آهي انهن بہ

نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيون، پٽ تہ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مون سان گڏ مسجد ويندو آهي.(1)

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اخلاق کا تہذیب کا طریقت کا خزینہ

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حج و عمرو موبائل ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! اَلحمدُلِلّٰه! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي (*Latest Technology*) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان حوالي سان دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمنٽ پاران مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن:*hajj &umrah* (حج ۽ عمرو) بہ آهي.

هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان ڄاڻي سگهو ٿا حج و عمري جو مختصر طريقو ❁ حج و عمري جا ضروري مسئلا وغيره ❁ اُن کان علاوه هن ايپلي ڪيشن ۾ حج ۽ عمري جون دعائون ❁ حرمين شريفين مُقدَّس مقامن جي معلومات وغيره بہ شامل آهي ❁ هن موبائل ايپلي ڪيشن جو هڪ وڏو اهم فيچر هي بہ آهي تہ هن ۾ ٿري ڊي ويڊيوز (*3D Videos*) جي ذريعي حج و عمري جو عملي طريقو بہ سيڪاريو ويو آهي. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو، هن مان فائدو ونو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏيو.

## ٽيلي ٿون (عطيات مهم) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبہ جات ۾ ديني خدمات انجام ڏئي رهي آهي ❁ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ❁ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (*Boys & Girls*) کي الڳ

1...فيضان مدنی مذاکرہ، صفحہ:72۔

الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 6121 (6 هزار 121) مدرسةُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 112، 70، 2 (2 لک 70 هزار 112) ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظران جي مفت تعليم ڏني وڃي ٿي ❁ نابينا ٻارن جي لاءِ بہ الڳ سان مدرسة المدينہ قائم آهن. آغاز کان هينئر تائين تقريباً 4،39،940 (4 لک 39 هزار 940) ناظره ۽ حفظ قرآن مڪمل ڪيو❁ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1903 (1 هزار 309) جامعة المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1،17،402 (1 لک 17 هزار 402) طالب ۽ طالبات کي درس نظامي (عالمِ و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 16،117 (16 هزار 117) عالم و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، مُعَلّم، عالم ۽ مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاحِ امّت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جاري آهي ❁ درجن کان وڌيڪ دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمَّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن ❁ المدينة العلميہ ( ***Islamic Research Canter***) ۾ مختلف موضوعن تي سوين ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ❁ فيضان آن لائن اڪيڊمي (ڇوڪرن، ڇوڪرين) جون قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس ، قرآن پاڪ (حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسَن جي ذريعي 77 ملڪن (Countries) ۾ ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پچائي پئي وڃي❁ "مدني چينل" جي ذريعي 6 وڏين سيٽلائٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي.❁ شعبي FGRF جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي.

13 نومبر 2022ء آچر جي ڏينهن ٽيلي ٿون(يعني عطيات مهم جو سلسلو) ٿي رهيو آهي. اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو!

خدمت دين جي تمام شعبن جي تمام اخراجات جي لاءِ دعوت اسلامي ٽرسٽ کان تعاون ڪيو. خوب دل کولي صدقو ۽ خيرات ڪيو! هڪ يونٽ: 10 هزار جو آهي. جيڪو هڪ يونٽ ڏئي سگهي ٿو، اهو هڪ يونٽ ڏي، جيڪو 12 يونٽ ڏيڻ جي استطاعت رکي ٿو ته اهو 12 يونٽ ڏي، جنهن جي جيتري همت، جنهن کي جيتري توفيق نصيب ٿي. بهرحال تيلي ٿون ۾ حصو ضرور بہ ضرور شامل ڪيو! راهہ خدا ۾ خرچ ڪرڻ پرهيزگارن جي بنيادي وصفن مان آهي. اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو: وَ اَنۡفِقُوۡا فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَ لَا تُلۡقُوۡا بِاَیۡدِیۡکُمۡ اِلَی التَّہۡلُکَۃِ ۚۖۛ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اللّٰه پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪيو ۽ پنهنجي هٿن کي هلاڪت ۾ نہ وجهو. (پاره:2، سورة بقره:195)

يعني راهہ خدا ۾ خرچ ڪرڻ بند ڪري يا گهٽ ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو!( تفسير صراط الجنان، پاره:2 ، سورة بقره، زيرِ آيت:195، جلد:1، صفحه:309) خبر پئي، خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ ۾ اسان ئي جو فائدو آهي. اسان جيڪر دين جي مالي خدمت ترڪ ڪري ڇڏينداسين تہ مسجدون ڪيئن نهنديون؟ لکين حافظ ڪيئن تيار ٿيندا؟ هزارين عالم، 80 کان وڌيڪ ديني شعبا ڪيئن ڪم ڪري سگهندا؟ الحمدلله! دعوت اسلامي دين جي خدمت ڪري رهي آهي، دعوت اسلامي اسان جي نسلن کي بچائي رهي آهي، دعوت اسلامي اسان جي ايمان جي حفاظت ڪري رهي آهي. گهر گهر ۾ نيڪي جي دعوت پهچائي ڪري گهر امن جو گهوارو بڻائي رهي آهي. اسان دعوت اسلامي جو ساٿ ڏينداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ! هن جو فائدو اسان کي، اسان جي نسل کي ئي ٿيندو. لهٰذا همت ڪيو! دل کولي راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو! دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! اللّٰه پاڪ چاهيو تہ دين ۽ دنيا جون برڪتون نصيب ٿينديون. اللّٰه پاڪ اسان کي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ چند آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبّوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عمامي شريف جون سنتون ۽ آدابَ

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: پٽڪو ٻَڌو توهان جو حلم وڌندو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو پٽڪو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو ويهي ڪري پايو ❁ جنهن ان جي ابتڙ ڪيو (پٽڪو ويهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي ڪري پاتو) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي (يعني طبيبن کي بہ اُن دوا جو علم ناهي) ❁ پٽڪو ٻڌڻ کان پهرين سنيون سنيون نيتون ڪيو هڪ بہ سٺي نيت نہ هئي تہ ثواب نہ ملندو ❁ مناسب اهو آهي تہ پٽڪي جو پهريون وَرُ سڌي پاسي وڃي ❁ الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پٽڪي مبارڪ جو شملو پشت (يعني پُٺي مبارڪ) جي پويان هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڌي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ بہ شملا هوندا هئا ❁ کابي پاسي شملو

---

[1]...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2]...مستدرڪ، ڪتاب اللباس، جلد:5، صفحہ:272، حديث:7488۔

لڙڪائڻ سنت جي خلاف آهي ۞ پٽڪي جي شملي جو مقدار گهٽ ۾ گهٽ 4 آڱر ۽ وڌ ۾ وڌ (اڌ پني تائين يعني تقريبا) هڪ هٿ (وچين آڱر جي منڍ کان نونڻ تائين جي ماپ هڪ هٿ هوندي آهي) ۞ پٽڪو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيٺي بيٺي ٻڌجي ۞ مراٰت شريف ۾ آهي: پٽڪو بيهي ٻڌڻ سنت آهي مسجد ۾ ٻڌي يا ڪنهن ٻي جڳهه تي ۞ پٽڪي ۾ سنت هي آهي ته اڍائي گز کان گهٽ نه هجي 6 گز کان وڌيڪ نه هجي ۽ ٻَندش گنبذ نما هجي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد: 3، حصي:16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنتون ۽ ادبَ خريد فرمايو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

پيٹ میں درد ہو رنگ بھی زَرد ہو | آ کے لو صِحّتیں قافلے میں چلو
ہے شفا ہی شفاء مرحبا! مرحبا! | آ کے خود دیکھ لیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

---

1...550سنتیں اور آداب، صفحہ:54-56 ملتقطاً۔

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

---

[1]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[4]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

3... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455